WWW.PILDAT.ORG

پس منظر پيپر

# پاڪستان ۾ ڄاڻ تائين رسائي جي حق لاءِ اثرائتي قانونسازي ۽ عمل درآمد

پلڈاٹ

پاکستان انسٹیٹیوٹ آف
لیجسلیٹو ڈویلپمنٹ
اینڈ ٹرانسپیرنسی

WWW.PILDAT.ORG

پس منظر پيپر

# پاڪستان ۾ ڄاڻ تائين رسائي جي حق لاءِ اثرائتي قانونسازي ۽ عمل درآمد

پلڊاٽ

پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ليجسليٽو ڊويلپمينٽ اينڊ ٽرانسپيرينسي

پلڊاٽ هڪ خودمختيار، اڻ ڌريو، غير منافعي بخش، تحقيقي ۽ سکيا فراهم ڪندڙ مقامي ادارو آهي جنهن جو مشن پاڪستان ۾ جمهوريت ۽ جمهوري ادارن کي سگهارو ڪرڻ آهي.

پلڊاٽ هڪ غير منافعي بخش تنظيم آهي، جيڪا پاڪستان جي سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ 1860ع تحت رجسٽرڊ ٿيل آهي.

ڪاپي رائيٽ: پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ليجسليٽو ڊيولپمنٽ اينڊ ٽرانسپيرينسي _ پلڊاٽ

سمورا حق ۽ واسطا محفوظ

پاڪستان مان آگسٽ 2015ع ۾ ڇپرايل

ISBN: 978-969-558-525-2

هن اشاعت جو ڪو به حصو پلڊاٽ جو واضح حوالو ڏيئي بيهر شائع ڪري سگهجي ٿو

اسلام آباد آفيس: پي او باڪس نمبر 278، ايف ايٽ، پوسٽل ڪوڊ 44220، اسلام آباد، پاڪستان

لاهور آفيس: پي او باڪس 11098، ايل سي اي ايچ ايس، پوسٽل ڪوڊ 54792، لاهور، پاڪستان

اي ميل info@pildat.org ويب سائيٽ www.pildat.org

# ديباچو

پيش لفظ

ڄاڻ جو حق (آر ٽي آءِ) : هڪ مڃيل بين الاقوامي انساني حق 06

آر ٽي آءِ جو تصور ۽ قانونسازي جي ترقي 08

موجوده بين الاقوامي معيار 15

پاڪستان ۾ آر ٽي آءِ قانونسازي ۽ ان تي عمل در آمد جون بنيادي خاميون 19

آر ٽي آءِ قانونسازي تي عملدر آمد جا فائدا 27

حوالا 29

# پيش لفظ

هي پس منظر پيپر پلڊاٽ پاران ترتيب ڏنو ويو آهي جنهن جو مقصد صوبن ۽ مرڪز جي سطح تي ڄاڻ تائين رسائي جي حق بابت اثرائتي قانونسازي ۽ ان تي عمل درآمد جي معاملن تي معلوماتي بحث ۽ سهائتا فراهم ڪرڻ آهي.

هڪ سگهارو آر ٽي آءِ قانون حڪومتن اندر شفافيت ۽ احتساب جي عمل ڪي هٿي وٺرائڻ ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو. آر ٽي آءِ قانون ۾ اهڙي سگهه موجود آهي جنهن سان حڪومت ۽ ان جي ماتحت کاتن جي ادارتي ڪارڪردگي ڪي بهتر بنائي سگهجي ٿو. آر ٽي آءِ قانون تي اثرائتو عمل درآمد سرڪاري ڪامورن، قانونسازن ۽ سندن عملدارن پاران ڪيل فيصلن ۽ اپائن متعلق اهڙي دستاويزي معلومات ڏانهن عوامي رسائي ڪي ممڪن بنائيندو، جيڪي عام طور تي هر معاملي ڪي ڳجهو رکڻ واري پاليسي سبب دستياب نه هوندا آهن يا انتهائي ڏکيائي سان حاصل ٿيندا آهن .

هڪ سگهارو آر ٽي آءِ قانون هر معاملو ڳجهي رکڻ واري هڪ اهڙي سرڪاري ڪلچر ڪي ﭘﻨﺠﻮ ڏيندو جنهن جي نتيجي ۾ ڪرپشن ۽ خراب گورننس جا ٻج ڇٽيا ويندا آهن ۽ سياسي انتظاميه جي فيصلن ۽ ارادن ڪي عام طور تي شڪ جي نگاهه سان ڏٺو ويندو آهي.

آر ٽي آءِ قانونسازي ذريعي پاليسي سطح تي فيصلي ساز ي جي عمل ۾ شهرين جي شموليت ڪي سهائتا ملندي آهي. تنهن ڪري آرٽي آءِ هڪ اهڙو هٿيار آهي جنهن سان حڪومتون عوامي مفاد وٽان فيصلي سازي ڪي يقيني بنائڻ تي مجبور ٿي وينديون آهن.

اهڙي واضح ۽ جامع نظام ذريعي سرڪاري ڄاڻ ڪي عوام تائين رسائڻ سان سرڪاري شعبي ۾ سماجي خدمتن جي فراهمي ڪي وڏي پئماني تي بهتر بنائي سگهجي ٿو ۽ ان ڏس ۾ فراهم ڪيل ڪجھ فائدن ۽ سهولتن جي نتيجي ۾ حڪومت ذريعي راڄ ڪندڙن ۽ عوام وچ ۾ تعلق مضبوط ٿيندو.

جيئن ته پنجاب ۾ هڪ اثرائتو ۽ ترقي پسند قانون لاڳو ٿي چڪو آهي ۽ ان ڏس ۾ عمل درآمد لاءِ پنجاب انفارميشن ڪميشن جي صورت ۾ هڪ ادارو به جوڙيو ويو آهي پر سنڌ، بلوچستان ۽ مرڪز ۾ ڪمزور عمل درآمدي سرشتي سبب قانونسازي بي ثرائتي آهي. آر ٽي آءِ قانونسازي تي عمل درآمد لاءِ خاص ادارا جوڙڻ ۽ ڄاڻ تائين رسائي جون اپيلون انفارميشن ڪميشن پاران ٻڌڻ ذريعي اڪلائڻ وارو سرشتو پڻ مرڪز، سنڌ ۽ بلوچستان ۾ موجود نه آهي.

ان ڏس ۾ پلڊاٽ پاران سنڌ اسيمبلي ۽ پارليامنٽ ميمبرن لاءِ ”ڄاڻ جي اثرائتي حق بابت قانونسازي“ جي سري هيٺ بريفنگز ڪرائڻ سميت پنجاب انفارميشن ڪميشن جي شراڪت سان ڪيترائي سکيا سيشنز ڪوٺرايا ويندا. اهي سکيا سيشن پنجاب جي سرڪاري شعبن جي سربراهن، پبلڪ انفارميشن آفيسرز ۽ ضلعي سطح جي کاتن جي عملدارن لاءِ خاص طور تي ديزائين

ڪيا ويا آهن. انهن جو مقصد هڪ اهو به آهي ته جيئن پنجاب ۾ لاڳو ڄاڻ تائين رسائي واري قانون "پنجاب ٽرانسپيرينسي اينڊ رائيٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ 2013ع" کي وڌيڪ اثرائتو بنائي سگهجي. هي پس منظر پيپر ترتيب ڏيڻ جو مقصد مرڪز ۽ پنجاب ۽ سنڌ صوبن جي سطح تي مختلف اسٽيڪ هولڊرز کي سهائتا فراهم ڪرڻ ۽ جامع ۽ اثرائتي آر ٽي آءِ قانون سازي متعلق هڪ ڪوشش ڪرڻ آهي.

## مڃتا

هي پس منظر پيپر بعنوان "ڄاڻ تائين رسائي جي حق بابت اثرائتي قانونسازي ۽ پاڪستان ۾ عمل در آمد"، مرڪز ۽ صوبائي سطح (پنجاب ۽ سنڌ) تي وڌيڪ اثرائتي حق واري پراجيڪٽ تحت پلڊاٽ پاران ترتيب ۽ شائع ڪيو ويو آهي. ان پراجيڪٽ جي مالي سهائتا جو بندوبست انهانسڊ ڊيموڪريٽڪ اڪائونٽيبيلٽي اينڊ سوڪ انگيجمنٽ جي ماتحت ڊيولپمنٽ الٽرنيٽوز انڪارپوريشن (ڊي اي آءِ) پاران ڪيو ويو آهي.

## پڌرائي

پلڊاٽ سٽ پاران ڀرپور ڪوشش ڪئي ويئي آهي ته عوامي سطح تي دستياب ڊيٽا ۽ ان بنياد تي ڪيل تجزئي کي هن پيپر ذريعي بالڪل درست نموني پيش ڪجي. ان ڪري ڪا به غلطي يا رهجي ويل معلومات شعوري طور نه ڪئي ويئي هوندي. اهو ضروري ناهي ته هن پيپر ۾ پيش ڪيل تجزئي ۽ موقف کي ڊي اي آءِ جي موقف جي تائيد حاصل هجي .

**اسلام آباد**

**آگسٽ 2015**

## ڄاڻ جو حق (آر ٽي آءِ): هڪ مڃيل بين الاقوامي انساني حق

ڄاڻ تائين رسائي جو حق، بين الاقوامي سطح تي محفوظ ٿيل ۽ مڃيل انساني حق آهي، جنهن کي گذريل ڪجھ ڏهاڪن ۾ تمام گھڻ مدي ۾ عالمي مڃتا ملي چڪي آهي. ان مدي دوران سرڪار ۽ ان جي ماتحت ادارن به عوامي خواهشن موجب جوڙيل عالمي قانونن کي سمجھيو آهي ۽ ان پٽاندڙ ڄاڻ جي دستيابي واري سرشتي ۾ تبديلي آندي آهي.

سڄي دنيا ۾ آر ٽي آءِ قانونسازي ڪرڻ واري عمل کي 1995ع کان اڳ ۽ 1995ع کانپوءِ واري ٻن مرحلن ۾ ورهائي سگھجي ٿو. سينٽر فار لاءِ ڊيموڪريسي (سي ايل ڊي) موجب 1995ع کان اڳ ۽ پوءِ واري دور دوران متعارف ڪرايل آر ٽي آءِ قانون ۽ ان تي عمل درآمد وارا سرشتا بنھ مختلف آهن.

ٻي مرحلي ۾ آر ٽي آءِ قانون کي متعارف ۽ ان تي عمل درآمد ڪرائيندڙ مختلف ملڪن جون حڪومتون ماضي ۽ حال جي علم ۽ تجربن مان لاڀ ماڻي رهيون آهن. 1995ع کانپوءِ بين الاقوامي ايڊووڪيسي تنظيمن ۽ سول حقن جي علاقائي گروپن پاران آر ٽي آءِ لاءِ هلايل مهم جي نتيجي ۾ به ان قانون تي عمل درآمد ڪرائيندڙ حڪومتون 1995ع کان اڳ وارن ملڪن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ بهتر پوزيشن ۾ آهن.

پاڪستان به 1995ع کان بعد ان قانون کي متعارف ۽ عمل هيٺ آڻيندڙ ملڪن مان هڪ آهي جيڪو هاڻي 1995ع کان اڳ وارن ملڪن، سول سوسائٽي تنظيمن جي تجربن ۽ علم مان لاڀ حاصل ڪندي ملڪ ۾ لاڳو ڄاڻ تائين رسائي واري قانون کي اڃا بهتر بنائي سگھي ٿو.

ان مثبت ترقي کي سامهون رکندي، جيڪڏهن پاڪستان اڃا به مروج بين الاقوامي ۽ علائقائي تجربن مان لاڀ حاصل ڪري ۽ بهترين ۽ اثرائتي قانونسازي لاڳو ڪري ته هو هڪ مثالي ملڪ بڻجي سامهون اچي سگھي ٿو. جيتوڻيڪ پاڪستان اڳيئي سي ايل ڊي پاران جوڙيل عالمي ملڪن واري فهرست ۾ 84 هين پوزيشن ماڻي چڪو آهي جيڪي ملڪ مرڪز يا وفاق ۾ آر ٽي آءِ قانون جي مسودي کي سگھارو ڪرڻ ۾ رڌل آهن.

سڄي دنيا ۾ آر ٽي آءِ بابت ٿيندڙ تڪڙي قانونسازي کي مڃيندي بين الاقوامي ادارن جهڙوڪ گڏيل قومن جو ادارو، دولت مشترڪ ۽ سارڪ دنيا جي حڪومتن کان گُهر ڪري رهيا آهن ته اهي ڄاڻ تائين رسائي واري حق کي بنيادي انساني حق تسليم ڪن.

### گڏيل قومن وارو ادارو (يواين)

گڏيل قومن جي 1946ع ۾ ٿيندڙ پهرين سيشن ۾ يواين جي جنرل اسيمبلي هڪ گڏيل ٺهراءُ (1)59 منظور ڪيو. جنهن موجب "ڄاڻ جي آزادي وارو حق نه رڳو هڪ بنيادي انساني حق آهي ۽ گڏيل قومن پاران تسليم ڪيل سمورن مقدس حقن جي ڀيٽ ۾ پارس جي حيثيت رکي ٿو.
ڄاڻ جي آزادي وارو حق، گڏيل قومن جي عالمي پڌرنامي براءِ انساني حق 1948ع ۽ پاڪستان سميت 76 ملڪن پاران صحيح ڪيل يو اين ڪنونشن براءِ سول ۽ سياسي حق 1968ع ۾ به تسليم ڪيو ويو آهي.

### دولت مشترڪ

مارچ 1999ع ۾ دولت مشترڪ پاران ماهرن جي گروپ جي هڪ اجلاس ۾ آر ٽي آءِ قانونسازي جي اهميت تي غور ڪيو ويو. ان اجلاس بعد جاري ڪيل حتمي مسودي ۾

طئي ڪيو ويو ته آر ٽي آءِ هڪ قانوني ۽ لاڳو ڪرڻ جوڳو حق آهي جيڪو ماڻهن کي رياست، عدليه، مقننه ۽ انتظاميه جي ماتحت دستياب ڄاڻ تائين عوامي رسائي کي يقيني بڻائي ٿو. اهڙي موقف جي دولت مشترڪ جي قانون واري وزيرن جي 1999ع واري اجلاس ۽ ساڳي سال نومبر ۾ ٿيندڙ سربراهي مملڪت جي اجلاس ۾ پڻ تائيد ڪئي ويئي.

## سارڪ

سال 2008ع ۾ سارڪ وزارتي ڪانفرنس دوران شرڪت ڪندڙن ڪرپشن جي خاتمي ۽ هر سطح تي گورننس ۾ بهتري لاءِ شهرين کي سرڪاري ادارن وٽ دستياب ڄاڻ تائين رسائي واري حق کي مڃيو ۽ ان ڏس ۾ قانونسازي ڪرڻ واري موقف جي مڪمل حمايت ڪئي.

## آر ٽي آءِ جو تصور ۽ قانونسازي جي ترقي بين القوامي پس منظر ۾ قانونسازي بابت اهم بهتريون

آر ٽي آءِ کي اختيار ڪرڻ ۽ بهتري آڻڻ واري ٻئين جاري مرحلي ۾ سڄي دنيا ۾ قانون جي مختلف شقن ۾ بنيادي ۽ اهم تبديليون آنديون وڃن پيون.
آر ٽي آءِ قانونسازي ۾ بهتري جي ڏس هيٺ ڏنل اهم مشاهدا ڏسڻ وٽان ملن ٿا.

الف قانون جو دائرو
ب آجو قرار ڏيڻ يا سرڪاري ڄاڻ کي ڳجهو رکڻ
پ قانون لتاڙيندڙن خلاف ڪاروائي ۽ ان جي نشاندهي ڪندڙن جو تحفظ
ج قانون جي ترقي لاءِ اپاءُ وٺڻ جهڙوڪ عملدارن جي سکيا ۽ عوامي شعور بيدار ڪرڻ واري مهم جي شروعات

سال 1985ع ۽ 2013ع دوران سي ايل ڊي عالمي رينڪنگ جي ڊيٽا موجب قانونسازي ۾ بهتري جي حوالي سان سيني ڪان وڌيڪ ڏيان قانون کي هٽي وٺرائڻ واري شعبي کي ڏنو ويو. جنهن سان ثابت ٿئي ٿو آر ٽي آءِ جي واڌ ويجھ لاءِ ورتل اپاءُ جي نتيجي ۾ انهي قانون جي جٽادار ۽ بنارندڪ عمل درآمد بعد پيدا ٿيل تحرڪ کي ميجتا ملي پئي. آر ٽي آءِ قانون جي دائري ۾ وڏي پئماني تي ڦهلاءُ مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته انهي کي حڪومتن جي هر سطح تي هر صورت ۾ لاڳو ڪرڻ گهرجي.

حڪومتن پاران سرڪاري ڄاڻ کي ڳجهو رکڻ واري پاليسي سبب آجو قرار ڏيڻ  واريون شقون به هاڻي وڌيڪ بهتري ڏانهن وڌن پيون، جنهن جو سبب به انهي قانون بابت وڌيڪ سمجھ ۽ ان جي اهميت جي مڃتا آهي. جڏهن ته قانون لتاڙيندڙن جي عوامي مفاد ۾ نشاندهي ڪندڙن جي تحفظ وارو مطالبو به زور پڪڙي رهيو آهي.

پهرين مرحلي کان ٻئين مرحلي ۾ داخل ٿيڻ دوران ڪجھ مثبت تبديليون به ڏسڻ وٽان ملن ٿيون ڇاڪاڻ ته ان مدي دوران ماضي جي تجربن مان سبق حاصل ڪيو ويو ۽ حال جي ڪوششن کان سهائتا حاصل ڪئي ويئي.

## ڏکڻ ايشيا ۾ ڄاڻ تائين رسائي واري قانون کي اختيار ڪرڻ

گذريل ڏهاڪو ڏکڻ ايشيا ۾ سرڪاري ڄاڻ تائين رسائي جي حق تي عمل درآمد جي حوالي سان سوڀ جو ڏهاڪو سمجهيو وڃي ٿو. سال 2002ع کان 2009ع دوران بنگلاديش، هندستان، سري لنڪا ۽ پاڪستان آر ٽي آءِ قانونسازي ڪندي انهي کي لاڳو ڪري ڇڏيو ۽ پهرين کان ٻئين مرحلي ۾ داخل ٿي ويا. جڏهن ته اهي هاڻي ماضي ۽ حال جي تجربن ۽ چئيلنجز جي روشني ۾ نئين ٿهي جي قانونسازي جا مسودا تيار ڪرڻ ۾ رڌل آهن.

هندستان جي آرٽي آءِ ايڪٽ 2005ع کي عالمي سطح تي ميجتا ملي آهي ۽ انهي کي ڏکڻ ايشيا ۾ آر ٽي آءِ قانونسازي بابت بنيادي حيثيت حاصل آهي.
آر ٽي آءِ متعلق هاڻوڪين ڪاميابين باوجود، ڏکڻ ايشيائي رياستن جهڙوڪ پاڪستان، بنگلاديش، هندستان ۽ نيپال کي انگريز دور جي معلومات کي ڳجهي رکڻ واري ڪلچر جهڙيون مختلف ڏکيائون سامهون آهن. اهي ملڪ اڄ به اهڙي ڪلچر مان جان آجي نه ڪرائي سگهيا آهن. انگريز دور کان ورثي ۾ مليل معلومات کي ڳجهو رکندڙ قانون جهڙوڪ پاڪستان آفيشلز سيڪرٽ ايڪٽ 1923ع اڄ به پاڪستان جي وفاق پاران لاڳو ڪيل آهي.

## ڏکڻ ايشيا ۾ آر ٽي آءِ قانون کي مليل مڃتا

### هندستان

آر ٽي آءِ قانونسازي متعلق سول سوسائٽي پاران پوندڙ لاڳيتو دٻاءُ، تحريڪ ۽ هندستاني عدليه پاران ڏنل فيصلن جي پيچيدگين سبب حڪومتن ۽ سول سوسائٽي ۾ ڳجهو رکڻ واري ڪلچر کي 70 واري ڏهاڪي جي آخر ۽ 80 واري ڏهاڪي جي شروعاتي مدي دوران چيلنج ڪيو ويو. هندستاني عدليه ۾ ٻه ڪيس خاص طور تي بنيادي اهميت جوڳا سمجهيا وڃن ٿا. 1975ع ڌاري اترپرديش رياست ۽ راج نارائين ۽ ٻين جي ڪيس ۾ سپريم ڪورٽ حڪم ڏنو ته قومي سلامتي جي معاملن سميت رڳو عوامي مفاد جا ڪجھ معاملا عام طور تي ڪُلئي نموني بحث هيٺ آڻي نٿا سگهجن. سپريم ڪورٽ هڪ ڀيرو ٻيهر 1982 ۾ قرار ڏنو ته عوام جو ڄاڻ تائين رسائي جو حق بنا ڪنهن شڪ جي آئين ۾ ڏنل اظهار جي آزادي ۽ موقف موجب آهي. عدالت اهو پڻ قرار ڏنو ته معلومات نه ڏيڻ يا روڪڻ جي اجازت رڳو تڏهن چند مخصوص حالتن ۾ ڏيئي سگهجي ٿي، جڏهن انهي کي عوامي مفاد پٽاندڙ ثابت ڪيو وڃي.

هندستان جي سول سوسائٽي به ملڪ ۾ آر ٽي آءِ تحريڪ کي هٿي وٺرائڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو. ملڪ ۾ رائيٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ 2005ع کي لاڳو ڪرائڻ وارو معاملي تڏهن تحرڪ ورتو جڏهن مقامي سطح جي تحريڪن ذريعي حڪومتي خرچن، عوامي فائدن ۽ مراعتن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومتن تي دٻاءُ وڌو ويو. اهڙين تحريڪن ۾ شهرت حاصل ڪندڙ تحريڪ راجستان ۾ ”مزدور ڪسان شڪتي سنگت“ پاران شروع ڪئي ويئي هئي. انهي تحريڪ 1996ع ۾ عوامي ڄاڻ جي حق بابت قومي مهم (اين سي پي آر آءِ) ذريعي آر ٽي آءِ قانونسازي لاءِ مهم هلائيندڙ سول سوسائٽي تنظيمن ۽ سرگرم ڪارڪنن کي هڪ منظم پليٽ فارم مهيا ڪيو. اين پي آر آءِ رائيٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ 2005ع کي لاڳو ڪرڻ ۽ هندستان ۾ آر ٽي آءِ ۾ سڌارن آڻڻ واري ايجنڊا لاءِ بنيادي ڪردار ادا ڪيو آهي.

### بنگلاديش

بنگلاديش ۾ انگريز دور ۽ انهي ڪانپوءِ ايندڙ فوجي آمراڻي حڪومتن دوران سرڪاري معلومات کي ڳجهو رکڻ واري ڪلچر کي چيلنج ڪرڻ واري رجحان 1980ع واري ڏهاڪي دوران عوامي مقبوليت ماڻي پر 1975ع کان 1990ع دوران فوجي حڪومت جي پوئيواري سان ايندڙ حڪومتن ۽ لاڳيتو جاري رهندڙ سياسي بحران ۽ بي چيني سبب انهي معاملي کي وڌيڪ اڳتي نه وڌايو نه وڃي سگهيو. سال 1991ع ۾ ملڪ ۾ جمهوريت جي بحالي بعد هڪ ڀيرو ٻيهر آر ٽي آءِ قانونسازي واري تحريڪ ۾ هلچل پيدا ٿي. سال 2002ع ۾ لاء ڪميشن آر ٽي آءِ متعلق هڪ ورڪنگ پيپر تيار ڪيو ويو جنهن ذريعي سول سوسائٽي ۽ رياستي ادارن وچ۾ ان معاملي تي سهڪار کي هٿي ملي. لاء ڪميشن پاران جوڙيل آر ٽي آءِ قانون جي مسودي کي عوامي راءِ لاءِ سڌسماءُ جي وزارت جي ويب سائيٽ تي پڻ رکيو ويو. ملڪ ۾ سياسي خلفشار وڌڻ سبب انهي قانون جي منظوري رولڙي جو شڪار ٿي ويئي. جڏهن ته 2007 ۾ ايندڙ فوج جي حمايتي نگران حڪومت آر ٽي آءِ قانون کي لاڳو ڪراڻ جي خاطري ڪرائي. انهي ساڳي عرصي دوران شهرين جي گروپن ۽ سول سوسائٽي تنظيمن آر ٽي آءِ بابت حڪومت تي لاڳيتو دٻاءُ وڌائيندي رائيٽ ٽو انفارميشن فورم جوڙي ورتو. نتيجي طور، 2008ع ۾ صدر پاران ان ڏس ۾ هڪ آرڊيننس منظور ڪيو ويو،جنهن کي بعد ۾ چونڊيل پارليامنٽ به پاس ڪيو. 2011ع ۾ قانون لتاڙيندڙن جي نشاندهي ڪندڙن جي تحفظ جو تاريخي قانون به منظور ڪيو ويو. انهي تبديلي سبب بنگلاديش جي آر ٽي

آءِ ايڪٽ 2009ع کي عالمي آرٽي آءِ رينڪنگ ۾ 20هين پوزيشن تي بيهاريو ويو.

## نيپال

ناليواري عوامي تحريڪ، جانا اندولان، نيپال جي 20 سال پراڻي بادشاهي راڄ کي بہ گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪيو تہ اها حڪومت ۾ شفافيت ۽ احتساب جي عمل کي متعارف ڪرائي. انهي سبب نيپال جي 1990 واري آئين جي شق 16 ذريعي آرٽي آءِ کي بنيادي انساني حق قرار ڏنو ويو. ان ڏس ۾ پهريون قانون نيپال جي پارليامنٽ ۾ 1993ع ۾ پيش ڪيو ويو پر مقامي سول سوسائٽي ۽ ميڊيا اهڙي قانون کي مڪمل طور تي رد ڪري ڇڏيو. سندن چوڻ هو تہ متعارف ڪرايل قانون سرڪاري ڄاڻ کي ڳجهو رکڻ واري ڪلچر کي وڌيڪ مظبوط ڪندو. ان ڏس ۾ ٿيندڙ سموريون ڪوشش کي ملڪ ۾ جاري سياسي خلفشار سبب هٿي نہ ملي سگهي. سال 2002ع ۾ پارليامنٽ تحليل ڪرڻ سبب اسيمبلي ۾ پيش ڪيل بل بہ اڳتي نہ وڌي سگهيو. آخرڪار، 2007ع تائين جاري رهندڙ مطلق العنانيت واري راڄ جي خاتمي ۽ عبوري آئين جي لاڳو ٿيڻ بعد نيپال جو پهريون آر ٽي آءِ قانون پاس ڪيو ويو. 2008ع ۾ نيشنل انفارميشن ڪميشن جي قائم ٿيڻ بعد 2009ع ۾ انهي قانون جا رولز آف امپليمينٽيشن لاڳو ڪيا ويا. انهي حتمي ترقي جي نتيجي ۾ جوڙيل نيپال رائيٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ 2007 عالمي آرٽي آءِ رينڪنگ ۾ 23هين پوزيشن حاصل ڪري ورتي.

## ڏکڻ ايشيا ۾ آر ٽي آءِ قانونسازي، نمايان خاصيتون

نيپال، بنگلاديش ۽ هندستان ۾ آرٽي آءِ قانون جو دائرو هر حڪومتي سطح تائين ڦهلايو ويو آهي. انهن ملڪن جي حڪومت جي ٽن بنيادي جزن، مقننہ، عدليہ ۽ انتظاميہ تي آر ٽي آءِ قانون لاڳو ٿئي ٿو. هندستان ۽ بنگلاديش ۾ جيتوڻيڪ ڪجھ قومي سلامتي جي معاملن ۽ ڳجهن ادارن متعلق ڄاڻ فراهم ڪرڻ کي ڳجهو قرار ڏنو ويو آهي پر هندستان ۾ ٿئي انساني حقن جي لتاڙ ۽ ڪرپشن جي معاملن جي حوالي کان ڪوبہ ادارو آجو نہ آهي. ٻئي پاسي نيپال دنيا جو پهريون ملڪ آهي جتي سياسي پارٽين کي بہ آرٽي آءِ جي دائري ڪار ۾ آندو ويو آهي. جڏهن تہ بنگلا ديش ۽ نيپال رڳو پنهنجن شهرين کي ڄاڻ جو حق فراهم ڪري ٿو. هندستان ۾ اهو حق قانوني طور لڏپلاڻ ڪري ايندڙ ماڻهن کي بہ ڏنو آهي. هندستان ۽ نيپال ۾ غير سرڪاري تنظيمن ۽ ٻين خانگي ادارن لاءِ آرٽي آءِ قانون نرم رويو رکيو ويو آهي. جڏهن تہ سپريم ڪورٽ جي 2013ع ۾ جاري ڪيل هدايتن موجب اهڙا خانگي ادارا جيڪي سرڪاري فنڊز تي گذارو ڪن ٿا، اهي عوام کي گهربل ڄاڻ فراهم ڪرڻ جا پابند آهن. نيپال جي آرٽي آءِ قانون ۾ حڪومت، پرڏيهي حڪومتن ۽ ٻين ادارن جي فنڊن تي هلندڙ تنظيمون ۽ خانگي ادارا عوام کي ڄاڻ جو حق ڏيڻ جا پابند آهن. جڏهن تہ قانون ۾ اصطلاح "ادارا"جي غير مبهم وضاحت سبب نيپال ۾ اجا اهو مونجهارو موجود آهي تہ ڇا ان قانون کي بين الاقوامي غير سرڪاري تنظيمن ۽ ٻين بہ طرفي ۽ گهڻ طرفي ادارن تي لاڳو ڪري سگهجي ٿو.

حڪومتي ادارن يا ڪاتن بابت هر قسم جي معلومات جي باري ۾ نيپال ۽ هندستان اصولي طور تي ڄاڻ تائين رسائي جو حق فراهم ڪن ٿا. جڏهن تہ بنگلا ديش ۾ حڪومتي ادارن بابت معلومات جي فراهمي جو دائرو محدود ڪيو ويو آهي. سرڪاري فائيلن تي لڳل نوٽس خاص طور تي آرٽي آءِ قانون جي دائري کان ٻاهر رکيا ويا آهن.

انهي جي باوجود تہ ڪجھ شعبن ۾ خاميون موجود آهن، ٽنهي ملڪن جا قانون پنهنجي دائري ۾ ترقي پسند ۽ جديد ڪوٺي سگهجن ٿا. جيتوڻيڪ بنگلاديش ۾ آرٽي آءِ قانون کي آئيني ضمانت فراهم ناهي ڪئي وئي پر نيپال ۽

هندستان ۾ اها ضمانت فراهم ڪندي سمورن سرڪاري ڪاتن ۽ ادارن توڙي سرڪاري ڪارونهوار انجام ڏيندڙ خانگي ڪمپنين يا ادارن کي بہ انهي قانون جي دائري ۾ آندو ويو آهي.

## ڄاڻ فراهم ڪرڻ کان انڪار ۽ آجو قرار ڏيڻ

هندستان، نيپال ۽ بنگلاديش ۾ آرٽي آءِ قانون موجب عوام جي تحفظ يا قومي مفاد کي هاجو رسائيندڙ ڄاڻ جهڙوڪ اقتصادي يا قومي سلامتي، بين الاقوامي تعلقات وارن معاملن متعلق عوام کي ڄاڻ فراهم نٿي ڪري سگهجي. نيپال ۾ آرٽي آءِ قانون جي شق 37 اڻ چٽي آهي تہ ڪٿي اها قانونسازي عوام کي ڄاڻ فراهم ڪندڙ قانون کي زيردست تہ نٿي ڪري، جڏهن تہ بنگلاديش ۽ هندستان ۾ اها قانوسازي واضح طور عوام کي ڄاڻ تائين رسائي متعلق هر قانون کي زيردست ڪري ٿي يا هر قانون کان مٿانهين آهي.

وڌيڪ اهو تہ قانوني طور مجيل ذاتي معاملا، ترسٽ ۽ ترسٽي وچ ۾ تعلق، ملڪيتي ۽ ڪاپي رائيٽ مفادن متعلق ڄاڻ تائين رسائي انهي ٽنهي ملڪن ۾ آرٽي آءِ قانون جي دائري کان ٻاهر رکي ويئي آهي پر بنگلاديش ۾ اهڙن معاملن جهڙوڪ اسٽريٽيجڪ نوعيت يا تحقيق بابت معلومات جي هڪ اهڙي ڊگهي فهرست جوڙي ويئي آهي جيڪا بين الاقوامي معيار جي پٽاندڙ نہ آهي. ساڳي طرح نيپال ۾ اهڙي ڄاڻ کي بہ وسيع طور آجو قرار ڏنو ويو آهي، جيڪا ٻن برادرين يا نسلي گروهن جي گڏيل بقاء کي ڇيهو رسائيندي هجي. انهن ٽنهي ملڪن مان رڳو هندستان ۾ محفوظ يا ڳجهو قرار ڏنل اهڙي ڄاڻ جنهن تائين رسائي ڏيڻ سان نقصان جو خدشو هجي، بابت قانون ۾ خاص شقون شامل ڪيون ويون آهن.

ٽنهي ملڪن ۾ هندستان جو آرٽي آءِ قانون ڄاڻ کي ڳجهو رکڻ ۽ آجو قرار ڏيڻ جي ڏس ۾ ڪارائتو آهي. جيڪڏهن ڀيٽ ڪجي تہ نيپال ۽ بنگلاديش جا قانون ڪنهن خاص قسم جي وسيع ڄاڻ فراهم ڪرڻ جي حوالي سان ڪمزور آهن. نيپال جو قانون، پاڪستان جي فريڊم آف انفارميشن آرڊيننس 2002ع سان هڪجهڙائي رکي ٿو جيڪو ڄاڻ جي فراهمي جي حوالي سان سيني کان مٿانهون قانون نہ آهي.

## پابنديون ۽ تحفظ

هندستان، نيپال ۽ بنگلاديش ۾ آر ٽي آءِ قانون تي عمل درآمد ڪرائيندڙ ۽ ڄاڻ تائين رسائي متعلق حاصل ٿيندڙ درخواستون ۽ شڪايتون اڪلائيندڙ لاڳاپيل اختيارين کي انهن سرڪاري عملدارن خلاف ڏنڊ ۽ پابنديون مڙهڻ جا اختيار ڏنا ويا آهن جيڪي انهي قانون جي لتاڙ جا مرتڪب ٿين ٿا. جڏهن تہ هندسستان ۽ نيپال ۾ سرڪاري ڪاتن ۽ ادارن بدران انفرادي سرڪاري عملدارن تي ڏنڊ ۽ پابنديون مڙهڻ ۽ قانون لتاڙيندڙ دارن کي سفارشون جاري ڪرڻ بابت انفارميشن ڪميشن جا اختيارمحدود آهن. رڳو بنگلاديش ۾ انفارميشن ڪميشن کي قانون جي پوئيواري نہ ڪندڙ يا خلاف ورزي ڪندڙ ادارن توڙي انفرادي عملدارن مٿان ڏنڊ ۽ پابنديون مڙهڻ جا اختيار ڏنا ويا آهن. بنگلاديش ۾ ئي قانون لتاڙيندڙن جي نشاندهي ڪندڙن کي تحفظ ڏيڻ بابت واضح قانون کي ڪاميابي سان لاڳو ڪيو ويو آهي. ان ڏس ۾ هندستان ۾ وهسل بلوئر پراٽيڪشن بل 2010 ۾ پارليامنٽ ۾ پيش ڪيو ويو پر اهو اڃا تائين پاس نہ ٿي سگهيو آهي.

پابندين ۽ تحفظ جي حوالي سان هندستان ۽ نيپال جي ڀيٽ ۾ بنگلا ديش جو آر ٽي آءِ قانون گهڻو ترقي پسند آهي جيڪو انفارميشن ڪميشن کي قانون لتاڙيندڙ عملدارن ۽ ادارن مٿان پابنديون ۽ ڏنڊ مڙهڻ جو مڪمل اختيار ڏيئي

ٿو. قانون ۾ موجود اهڙي شق سان آرٽي آءِ جي افاديت ۽ ان کي اثرائتو بنائڻ ۾ مدد ملي ٿي.

### آر ٽي آءِ جي ترقي متعلق اپاءُ

هندستان جي آرٽي آءِ قانون ۾ ان جي واڌ ويجهه لاءِ پاٽمرادو بندوبست ڪيل آهن. قانون ۾ عوام کي ڄاڻ تائين رسائي کي يقيني بنائڻ لاءِ سرڪاري ادارن کي پابند بڻايو ويو آهي تہ اهي ان ڏس ۾ نامزد آفيسرن کي مقرر ڪن. ٻيو اهو تہ ان قانون جي وڌيڪ ترقي ۽ اثرائتي عملدرآمد لاءِ مرڪزي سطح تي انفارميشن ڪميشن جوڙيو ويو آهي جيڪو عوام ۾ شعور جاڳائڻ بابت مهم هلائڻ جو ڪم بہ سرانجام ڏيندو آهي پر اهو اڃا غير واضح آهي تہ ڪميشن تي ان ذميواري جي حيثيت قانوني آهي يا رڳو اخلاقي. هندستان جي ان قانون ۾ ڄاڻ تائين رسائي بابت سمورن ادارن کي پابند بنائڻ جي ضرورت آهي تہ اهي لاڳاپيل عملدارن جي سکيا ۽ قانون جي واڌ ويجهہ ريڪارڊ سازي ۽ انتظام ڪاري لاءِ جوڳا اپاءُ وٺن. بنگلاديش ۾ آرٽي آءِ قانون جي واڌ ويجهه واريون ڪوششون هندستان جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سگهاريون آهن. سي ايل ڊي جي ساليانی رينڪنگ براءِ 2013ع موجب بنگلاديش جي آرٽي آءِ قانون ۾ ان جي ترقي لاءِ بهتر شقون رکيون ويون آهن پر سرڪاري عملدارن جي سکيا جي حوالي سان ڪي بہ شقون موجود نہ آهن. نيپال جي آر ٽي آءِ قانون ۾ ان جي ترقي جهڙوڪ ريڪارڊ جي انتظام ڪاري، ڄاڻ جي فراهمي لاءِ درخواستن يا شڪايتن جي اڪلاءُ لاءِ مخصوص يا سگهاريون شقون موجود نہ آهن. اهو چوڻ غلط نہ هوندو تہ نيپال جو آرٽي آءِ قانون ترقي جي حوالي سان سارڪ ريجن ۾ ڪمزور ترين قانون آهي.

### پاڪستان ۾ آرٽي آءِ اختيار ۽ تسليم ڪرڻ ميچتا

پاڪستان 23جون 1968ع تي آءِ سي سي پي آر جي توثيق ڪئي ۽ ان ڏس ۾ 23 سيپٽيمبر 2010ع تي عمل در آمد بہ شروع ڪيو ويو. انهي ڪانسواءِ پاڪستان 2008ع ۾ آرٽي آءِ بابت لاڳاپيل بين الاقوامي ڪنونشن خلاف اٿاريل اعتراض بہ واپس وٺي ڇڏيا.

## آرٽي آءِ قانون اختيار ڪرڻ ڪان پهرين ٿيندڙ اهم تبديليون

آرٽي آءِ قانون منظورڪرڻ جي حوالي سان پاڪستان ۾ سيني ڪان پهرين عملي ڪوشش سينيٽ ۾ ٿي. جماعت اسلامي جي سينيٽر پروفيسر خورشيد احمد 1990ع ۾ هڪ خانگي بل پيش ڪيو پر ان ڪي سينيٽ پاران غور لاءِ اڳتي نہ وڌايو ويو. انهي ڪان بعد بينظير ڀٽو شهيد جي سربراهي ۾ ٺهندڙ پهرين پي پي حڪومت ڪرپشن جي الزامن جا سبب ڳولهڻ ۽ سفارشون ترتيب ڏيڻ لاءِ هڪ ڪميٽي جوڙي. ڪميٽي پاران سفارش ڪيل هڪ نڪتي مان آرٽي آءِ بل جي منظوري بہ شامل هو پر بعد ۾ پي پي حڪومت ڪي هٽائڻ ۽ ڪاموراشاهي جي مخالفت سبب آرٽي آءِ بل اختيار ڪرڻ واري معاملو رڪجي ويو.

پاڪستان جي 1973ع جي آئين ۾ ڄاڻ تائين رسائي جي حق بابت ڪابہ خاص شق شامل نہ آهي پر 1993ع ۾ پهريون ڀيرو سپريم ڪورٽ پاران هڪ ڪيس (پاڪستان لاء ڊائيجسٽ پي ايل ڊي سپريم ڪورٽ 746) ۾ مشاهدو ڏنو تہ "ڄاڻ تہ ڄاڻ تائين رسائي جمهوريت جو بنيادي جزو آهي، تنهن ڪري حڪومت تي لازم آهي تہ اها عوامي احتساب جي تناظر ۾ فيصلي سازي ۽ پنهنجي ڪارونهوار بابت عوامي شعور جاڳائي." عدالت اهو پڻ واضح طور قرار ڏنو تہ ڄاڻ تائين رسائي جو حق، اظهار جي آزادي بابت آئين جي آرٽيڪل 19 سان ٺهڪندڙ آهي.

مقننہ اعلي عدالت جي انهن فيصلن ڪي بينظير ڀٽو حڪومت جي نومبر 1996ع ۾ برطرفي تائين ڪابہ اهميت نہ ڏني ويئي. پي پي حڪومت جي خاتمي بعد ملڪ معراج خالد جي سربراهي ۾ جوڙيل نگران حڪومت 29 جنوري 1997ع تي هڪ آرڊيننس ذريعي ڄاڻ تائين رسائي جو قانون لاڳو ڪري ڇڏيو پر اهو قانون غير موثر ٿي ويو ڇاڪاڻ تہ بعد ۾ ايندڙ نوازشريف حڪومت انهي ڪي پارليامنٽ ذريعي ايڪٽ ۾ تبديل نہ ڪرائي سگهي.

## وفاقي ۽ صوبائي سطح تي آرٽي آءِ قانون ڪي اختيار ڪرڻ

وفاقي سطح تي لاڳو ڪيل موجوده رائيٽ ٽو انفارميشن آرڊيننس 2002ع ۾ جنرل مشرف جي سربراهي ۾ جوڙيل ملٽري حڪومت پاران لاڳو ڪيو ويو. جيتوڻيڪ انهي قانون ڪي 17هين آئيني ترميم ذريعي منظور ڪيو ويو پر ان ۾ پارليامنٽ يا چونديل نمائندن جي نگراني شامل نہ هئي. ڪجھ حلقن جو خيال آهي تہ اهو ايشيائي ترقياتي بينڪ پاران پاڪستان ڪان قرض حاصل ڪرڻ جي اڳوات شرط سبب منظور ڪيو ويو. بعد ۾ سول سوسائٽي ۽ حڪومت وچ ۾ ٿيندڙ گڏيل ڪوششن ۽ پلڊاٽ پاران پارليامنٽ جي ميمبرن ۽ عملي لاءِ 28 جون 2004ع تي ڪوٺرايل بريفنگ جي نتيجي ۾ ڄاڻ جي آزادي جي آرڊيننس 2002ع ۾ ڪيترن ئي ترميمن تي اتفاق ڪيو ويو پر جيئن تہ ڄاڻايل بريفنگ جي ڪجھ مقررن چواڻي تہ حڪومت ۾ موجود روايتي سردمهري واري ڪلچر سبب انهي قانون ۾ ترميمون آڻڻ وارو معاملو رولڙي جو شڪار ٿي ويو.

صوبائي سطح تي بلوچستان ۽ سنڌ پاران ڄاڻ جي آزادي واري آرڊيننس 2002ع ڪي ترتيب وار 2005ع ۽ 2006ع ۾ جيئن جو تيئن لاڳو ڪيو ويو. جنهن ڪان بعد خيبر پختونخواهہ ۽ پنجاب پاران 2013ع ۾ سگهارا آرٽي آءِ قانون لاڳو ڪيا ويا. پنجاب ۾ آرٽي آءِ قانونسازي بعد پنجاب انفارميشن ڪميشن جوڙيو ويو جنهن قانون بابت رولز آف بزنس 2014ع پڻ لاڳو ڪري ڇڏيا. خيبر پختونخواهہ حڪومت ساڳي قسم جا رولز آف بزنس اڃا تائين جوڙي نہ سگهي آهي.

پنجاب انفارميشن ڪميشن 2015ع ۾ آر ٽي آءِ قانون ذريعي ٽن شڪايتن تي تاريخي فيصلا ڏنا. اهي شڪايتون وسيم عباسي پاران گورنر هائوس جي ڊپٽي سيڪريٽري ۽ چيف منسٽر سيڪريٽريٽ جي پرنسپل سيڪريٽري ۽ عامر اعجاز پاران پنجاب اسيمبلي جي سيڪريٽري خلاف داخل ڪرايون ويون هيون.

ٻئي پاسي ميڊيا ۾ رپورٽ ٿيل خبرن موجب خيبر پختونخواهه جي انفارميشن ڪميشن آر ٽي آءِ قانون ذريعي داخل ڪرايل 8 شڪايتن جو 60 ڏينهن جي مقرر مدي ۾ اڪلاءُ يا ڪوبہ جواب ڏيڻ ۾ ناڪام ٿي ويئي. خيبرپختونخواهه حڪومت ڄاڻ جي آزادي جو ترميمي بل 2015ع بہ منظور ڪرائي ورتو پر ان ۾ خيبر پختونخواهه اسيمبلي ۽ پشاور هائيڪورٽ جي معاملن کي ڄاڻ تائين رسائي کان آجو يا ڇڳهو قرار ڏنو ويو پر صوبي ۾ لاڳو ڪيل آر ٽي آءِ قانون جو دائرو شهري مڪاني ادارن بابت وڌايو ويو.

پاڪستان جي سيني کان وڌيڪ آبادي واري صوبي پنجاب ۾ ضلعي سطح تي پنجاب لوڪل گورنمنٽ آرڊيننس ذريعي آر ٽي آءِ کي شامل ڪيو ويو آهي. پاڪستان جي سينيٽ پاران 9 جولاءِ 2015ع تي اسلام آباد لوڪل گورنمنٽ بل 2015ع پڻ منظور ڪيو ويو جنهن ۾ ٻين شقن سميت گاديءَ واري شهر جي مڪاني ادارن کي ڄاڻ تائين رسائي جي حق کي يقيني بڻايو ويو آهي. اهو قانون لاڳو ٿيڻ لاءِ فلحال صدارتي توثيق جي اوسيئڙي ۾ آهي. 9 اپريل 2013ع تي منظور ڪيل تاريخي 18هين آئيني ترميم ۾ آر ٽي آءِ کي ڄاڻ جي آزادي بابت آرٽيڪل 19A ذريعي بنيادي حق قرار ڏنو ويو آهي.

## موجوده بين الاقوامي معيار ۽ اصول

ڄاڻ ۽ اظهار جي آزادي لاءِ ڪم ڪندڙ جڳ مشهور پيرووڪاري جي تنظيم، آرٽيڪل 19 مثالي آرٽي آءِ قانونسازي جي حوالي سان ڪي معيار ۽ اصول طئي ڪيا آهن. اهي معيار سموري دنيا ۾ عمل هيٺ ۽ لاڳو ٿيل بهترين قانون ڪي نظر ۾ رکندي جوڙيا ويا آهن. گڏيل قومن جي اظهار ۽ موقف جي خصوصي رپوٽيئر 1999 جي سالياني رپورٽ ۽ انساني حقن جي ڪميشن پاران 2000ع ۾ انهن اصولن جي توثيق ڪئي ويئي آهي. ڪيترن ئي حڪومتون ۽ سول سائٽي تنظيمون آرٽي آءِ جي واڌ ويجهه ۽ ترقي لاءِ انهن اصولن کي اختيار ڪري چڪيون آهن. پاڪستان ۾ پلداٽ، ڄاڻ، سدسماءُ ۽ قومي ورثي بابت قومي اسيمبلي جي اسٽينڊنگ ڪميٽي ۽ ٻيا ڪيترا ئي ادارا پنهنجي رپورٽن ۽ پيپرز ۾ انهن اصولن کي اختيار ڪري چڪا آهن.

### اصول نمبر 1: وڌ ۾ وڌ ڄاڻ کي کولڻ

هن اصول جو مقصد وڌ ۾ وڌ سرڪاري ڄاڻ کي چند محدود حالتن کانسواءِ وڌ ۾ وڌ کولڻ يا عوام تائين رسائي ڏيڻ کي اختيار ڪرڻ آهي. پاڪستان ۽ هندستان سميت ڪيترن ئي ملڪن اهڙي اصول کي آئيني ضمانت ذريعي يقيني بڻايو آهي. ان حق کي عملي صورت ڏيڻ جو مطلب اهو بالڪل نه آهي ته ان کي سرڪاري ڄاڻ تائين رسائي تيسيتائين نه ڏجي جيستائين درخواستگذار اهڙي خواهش جو اظهار نٿو ڪري. ان جي ابتڙ، ڪنهن به سرڪاري اداري پاران جائز ۽ قانوني ڄاڻ تائين رسائي کان انڪار رڳو قانون ۾ فراهم ڪيل چٽي وضاحت بعد ئي ڪري سگهجي ٿو.

### اهم وصفون

ڄاڻ: سرڪاري اداري جي ريڪارڊ جي ڪنهن به ذريعي دستياب اهڙي ڄاڻ جيڪا درجي بندي ٿيل ڪنهن به شڪل ۾ جاري ٿيڻ جي تهڻ جي تاريخ سميت موجود هجي.

سرڪاري ادارو: سرڪار جي هر سطح ۽ شاخن تي موجود ڪوبه کاتو، ادارو يا خودمختيار ڪمپني، اهڙو خانگي ادارو جيڪو عوام جي ماحوليات يا صحت جي تحفظ متعلق اهم ڄاڻ رکندو هجي ۽ بين الحڪومتي تنظيمون وغيره.

ريڪارڊ کي تلف ڪرڻ: اهڙي ريڪارڊ کي ڄاڻي ٻجهي تلف ڪرڻ، انهي جي عوام تائين رسائي ۾ رخنو وجهڻ يا روڪڻ ۽ ساڳي طرح انهي جي وقار ۽ دستيابي کي تحفظ ڏيڻ. آرٽي آءِ قانون ۾ عوامي سرڪاري ريڪارڊ کي سزاجوڳو ڏوهه قرار ڏنو ويو هجي ۽ انهي جي جوڳي انتظام ڪاري جا اصول طئي ڪيا ويا هجن. قانون کي ان ڏس مناسب وسيلا مختص ٿيل هجن.

### اصول نمبر 2: لازمي شائع ڪرڻ جي ذميواري

جديد آرٽي آءِ قانون سرڪاري ادارن کي وسيلن جي دستيابي ۽ استعداد جي صورت ۾ رضاڪاراڻي طور عوامي مفاد جي اهم ريڪارڊ کي شائع ڪرڻ تي زور ڀري ٿو. وڌيڪ اهو ته ان ڏس ۾ قانوني ڄاڻ کي درجن ۾ ورهائڻ کي به لازمي سمجهي ٿو.
ڄاڻ جي درجي بندي ڪرڻ ۾ هيٺ ڏنل نڪتا شامل هجڻ گهرجن.

1. اهڙي ڄاڻ ته هڪ سرڪاري ادارو ڪيئن پنهنجي خرچن سميت سموري ڪارونهوار کي هلائيندو آهي. سندس مقصد، آڊٽ ٿيل کاتا، معيار ۽ ڪارڪردگي وغيره

2. درخواست جي نتيجي ۾ مهيا ڪيل ڄاڻ، شڪايتون يا ڪا به ڄاڻ جيڪا عوام سان ڪنهن به قسم جي رابطي جي نتيجي ۾ عمل ۾ آئي هجي.
3. رهنمائي ته ڪيئن عوام سرڪاري پاليسي سازي ۽ فيصلي سازي واري عمل ۾ شريڪ ٿي سگهي ٿو.
4. سرڪاري اداري وٽ دستياب ڄاڻ ۽ ڪنهن به طريقي سان ريڪارڊ ۾ موجود ڄاڻ.
5. اهڙو پس منظر ۾ مواد جنهن جي فهم ۽ دليل جي بنياد تي جوڙيل ڄاڻ سميت اهڙو فيصلو يا پاليسي جيڪا عوام کي سڌي يا اڻ سڌي طرح متاثر ڪندي هجي.

### اصول نمبر 3: شفاف حڪومت

حڪومتن ۾ شفافيت يا ڄاڻ ظاهر ڪرڻ جي ڪلچر جي ترقي تمام ضروري آهي. آرٽي آءِ قانون ۾ شفاف حڪومتي اصول اختيار ڪرڻ لاءِ مناسب وسيلن جي فراهمي ۽ ڌيان جي عڪاسي هئڻ گهرجي. ان ڏس ۾ ترقي ڏياريندڙ سرگرميون هيٺ ڏجن ٿيون.

i. عوامي جاڳرتا: قانون ۾ آرٽي آءِ متعلق عام تعليم ۽ بيداري ۽ ڄاڻ جي فراهمي موجود هجي. جهڙوڪ درخواست ڪرڻ جي صورت ۾ ڪهڙي قسم جي ڄاڻ موجود آهي ۽ ان کي ڪيئن حاصل ڪري سگهجي ٿو. اهڙو عمل وڌيڪ مثالي بڻائڻ لاءِ اهڙا اپاءُ لاڳاپيل سرڪاري ادارن ۾ آرٽي آءِ جي نگراني ۽ واڌ ويجهه لاءِ فراهم ڪيل مناسب وسيلن سميت خاص طور قائم ڪيل ادارن وچ ۾ سهڪار ذريعي وٺڻ گهرجن.

ii. سکيا جي فراهمي ۽ لياقت وڌائڻ لاءِ اپاءُ: سرڪاري ادارن کي پنهنجي ملازمن لاءِ آرٽي آءِ قانون جي دائري ۽ اهميت بابت سکيا جو هر صورت ۾ بندوبست ڪرڻ گهرجي. اهڙا سرڪاري ادارا جن کي ان ڏس ۾ سکيا ڏيڻ جو ڪم سونپيو ويو آهي اهي شفاف حڪومت واري ڪلچر کي هٿي وٺرائين. (الف) آرٽي آءِ متعلق بهتر ڪارڪردگي تي مراعتن جي فراهمي (ب) آرٽي آءِ متعلق پارليامنٽ پاران مستقبل جي هدف بابت ساليانې رپورٽ کي تيار ڪرڻ، موجوده هدف بابت ترقي ۽ قانون تي عملدرآمد کي سنئون ڪرڻ (پ) سرڪاري ريڪارڊ جي بهتر انتظام ڪاري ۽ عوام کي ڄاڻ تائين رسائي بابت طريقيڪار جوڙڻ

### اصول نمبر 4: ڄاڻ تائين رسائي کان آجو ڪرڻ يا رعايت جو محدود دائرو

سرڪاري ادارن کي سموري ڄاڻ کي عوام آڏو رکڻ گهرجي سواءِ ان ڄاڻ جي جنهن سان عوام جي محفوظ مفادن کي ڇيهو رسڻ جو خدشو هجي.

i. قانوني رعايت: اهڙو مقصد جڏهن ڄاڻ فراهم نه ڪرڻ جي عيوض تفصيلي ۽ قبول جوڳي وضاحت پيش ڪئي ويئي هجي. اهڙا مقصد قانون ۾ واضح طور تي ڏنل هجن ۽ رڳو امن امان قائم ڪرڻ يا قانون لاڳو ڪرڻ ، ذاتي زندگي، قومي سلامتي، ڪمرشل يا ڪاروباري مفاد، فرد جي تحفظ ۽ ذاتي ۽ حڪومت فيصلي سازي واري عمل جي سالميت تائين محدود هجڻ گهرجن.
ii. رعايتون يا ڄاڻ کي ڳجهو رکڻ واري سهولت اهڙي طرح واضح ڪئي وڃي جيڪا ڄاڻ جي

درجي يا قسم بدران انهي جي مندرجات تي ٻڌل هجي. جتي ممڪن ٿي سگهي اهي رعايتون وقت سان سلهاڙيل هجن، جنهن ڪان بعد عوام جو ڄاڻ وارو حق مقدم بنجي وڃي.

iii. ڄاڻ تائين رسائي ڪان انڪار واري رعايت جي صورت ۾ نقصان جي ڪاٽي جو به اندازو لڳائڻ گهرجي ته جيئن ان ڪي نه ڏيڻ جي صورت ۾ اهو فيصلو ڪري سگهجي ته ان سان عوامي مفاد ڪي ڪيترو نقصان پهچي پيو.

### اصول نمبر 5: ڄاڻ تائين رسائي جي سهولت وارو عمل

سرڪاري ڄاڻ جي فراهمي جي درخواست تي فيصلو ڪرڻ وارو عمل قانون ۾ ٽن سطحن تي ڏيڻ گهرجي. سرڪاري اداري جي سطح تي، خودمختيار اداري وٽ اپيل جي سطح تي ۽ عدالتن وٽ اپيل جي صورت ۾.

جتي ممڪن ٿي سگهي، معذورن ۽ پوئتي پيل آبادي واري گروهن ڪي ڄاڻ تائين رسائي ڪي وڌيڪ سولو بنائڻ لاءِ قانون ۾ جوڳو بندوبست ڪرڻ گهرجي. سرڪاري ادارن ڪي قانون موجب جائز ڄاڻ جي فراهمي لاءِ وصول ٿيندڙ درخواستن جي اڪلاءُ ڪي يقيني بنائڻ لاءِ سرڪاري آفيسرن يا عملدارن جي مقرري ڪرڻ گهرجي. اهڙن آفيسر ڪي ڄاڻ حاصل ڪندڙن ڪي درخواستون داخل ڪرڻ ۾ سهائتا فراهم ڪرڻ جي ذميواري به ڏيڻ گهرجي.
ان جي ابتڙ، سرڪاري ادارن ڪي غير ضروري، فضول ۽ تنگ ڪندڙ درخواستن ڪي انڪار ڪرڻ جو اختيار پڻ هجڻ گهرجي. ٻيو اهو ته قانون ۾ ڄاڻ جي فراهمي جي درخواستن جي اڪلاءُ، شڪايتن جي ٻڌڻي ۽ انڪار جي صورت ۾ لکت ۾ جواب ڏيڻ لاءِ وقت جو تعين ڪرڻ به لازمي بنائڻ گهرجي.

### اپيلن جو عمل

جيڪڏهن ڪو سرڪاري ادارو ڪنهن درخواستگذار فرد جي درخواست ڪي رد ڪري ٿو يا ان ڪي ڄاڻ فراهم ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو ته انهي فرد ڪي ڪنهن خود مختيار اداري يا ڪميشن ۾ اپيل داخل ڪرڻ جو حق حاصل هئڻ گهرجي.

اهڙي ڪميشن ڪي ڪجهه اصول ۽ معيار اختيار ڪرڻا پوندا ۽ انهي ڪي ڪي استحقاق به حاصل هئڻ گهرجن.

الف : مالي ۽ انتظامي خودمختياري
ب: چوندڊ ادارن جهڙوڪ آل پارٽي پارلياماني ڪميٽي پاران عملي جي مقرري

اپيل واري عمل ذريعي عوام ڪي فيصلن جي وقت سر اڪلاءُ ڪي گهٽ ۾ گهٽ خرچ تي فراهمي ڪي يقيني بنائڻ گهرجي ته جيئن مالي سگهه رکندڙ ڪانسواءِ به عام شهري انهي سهولت مان لاڀ حاصل ڪري سگهن. ٻيو اهو ته اپيليٽ اختياري ڪي اپيل ڪي جاچ ڪرڻ جي مڪمل اختيارن سميت شاهدين ڪي پرکڻ ۽ سرڪاري ادارن ڪي اهو حڪم ڏيڻ ته هو ٻيهر نظرثاني جي مقصد خاطر هر قسم جي ڄاڻ ڪي فراهم ڪرڻ جو اختيار هئڻ گهرجي.
ڄاڻ فراهم نه ڪرڻ جي مجرماڻي غفلت جي صورت ۾ ڪميشن ڪي اهو اختيار هئڻ گهرجي ته اها اهڙا ڪيس اعلي عدالتن ڪي اماڻي سگهي. ٻيو اهو ته اپيل ڪندڙ ۽ سرڪاري اداري ڪي اهو حق هئڻ گهرجي ته هو ڪميشن جي فيصلي خلاف اعلي عدالتن ۾ اپيل داخل ڪري سگهن.

### اصول نمبر 6: خرچ

فردن ڪي سرڪاري طريقيڪار ۾ منجهائيندي ڄاڻ جي حاصلات لاءِ درخواست داخل ڪرڻ ۾ حوصلي شڪني يا

روڪڻ نہ ڪرڻ گهرجي. ڄاڻ فراهم ڪرڻ جي ڏس ۾ مناسب فيس يا خرچ مقرر ڪري سگهجي ٿو پر درخواستگذار کان اصل خرچ کان مٿي قيمت هرگز نہ ورتي وڃي.

### اصول نمبر 7: ڪُليون سرڪاري گڏجاڻيون

سرڪاري ادارن جي گڏجاڻين تائين عوام جي رسائي سولي هجڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ ڄاڻ جي حق ۾ اهو بہ ڄاڻڻ شامل آهي تہ حڪومت عوامي مفاد جي ڏس ۾ ڪهڙا فيصلا ڪري ٿي. هتي سرڪاري گڏجاڻين جو مقصد اهي رسمي گڏجاڻيون آهن جيڪي سرڪاري قاعدن ۽ ضابطن ۽ ڪورم تحت ٿينديون هجن. اهڙين گڏجاڻين ۾ ماڻهن جي شموليت کي يقيني بنائڻ لاءِ ان جو اطلاع مناسب وقت سر اڳواٽ ڏيڻ گهرجي.

رسمي سرڪاري گڏجاڻين ۾ ماڻهن کي رڳو ان صورت ۾ نہ شامل نہ ڪرڻ گهرجي جيڪڏهن مناسب سرڪاري قاعدن ۽ ضابطن هيٺ انهن کي شامل نہ ڪرڻ لازمي هجي. ائين ڪرڻ جي صورت ۾ گڏجاڻي کي بند ڪمري ۾ ڪرڻ جي فيصلي بابت بہ عوام کي ڄاڻ ڏيڻ گهرجي تہ جيئن اهو يقيني بنايو وڃي تہ شفافيت کي سامهون رکندي ڇاڻايل فيصلو عوام جي ڄاڻ هيٺ ۽ منظوري سان ڪيو ويو آهي.

### اصول نمبر 8: ڄاڻ فراهم ڪرڻ جي اڳرائي

آرٽي آءِ جو قانون اهڙو هجڻ گهرجي جو سرڪاري ڄاڻ فراهم ڪرڻ جي ڏس ۾ متعارف ٿيندڙ ٻي ڪابہ قانونسازي رد يا منسوخ ٿي وڃي.

### اصول نمبر 9: قانون لتاڙيندڙن جي نشاندهي ڪندڙن جو تحفظ

غلط ۽ غير قانوني سرڪاري عملن يا قانون لتاڙيندڙن جي نشاندهي ڪندڙ ڪنهن بہ قسم جي قانوني، انتظامي يا ملازمتن مان برطرفي جهڙي پابندين کان آجا هجڻ گهرجن. هتي قانون جي لتاڙ جو مطلب مجرماڻو ڏوهہ، قانوني ذميواري پوري ڪرڻ ۾ ناڪامي، انصاف نہ ٿيڻ، ڪرپشن يا بي ايماني يا سرڪاري اداري ۾ سنجيده نوعيت جي بي ضابطگي وغيره آهي. انهي ڪانسواءِ ڪنهن هڪ شخص يا اجتماعي طور صحت، تحفظ ۽ ماحول کي سنگين خطرو وغيره بہ قانون جي لتاڙ ۾ شامل آهي. قانون جي لتاڙ جي نشاندهي ڪندڙ رڳو ان صورت ۾ تحفظ جي سهولت حاصل ڪري سگهن ٿا جڏهن انهن پاران ڄاڻ جي حاصلات درست آهي ۽ غلط ڪمن يا قانون جي لتاڙ جي نشاندهي ڪري ٿي. اهڙي تحفظ کي انهن سمورن سزا جوڳن قدمن کي رد ڪرڻ گهرجي جيڪي قانوني ۽ معاهدو ڪيل گهرجن جي خلاف ورزي ڪن ٿا.

## پاڪستان ۾ آرٽي آءِ قانونسازي ۽ عمل درآمد ۾ اهم نقص

پاڪستان جي آرٽي آءِ قانونسازي جي نقصن تي پيپر نظرثاني سان پلڊاٽ، فريڊم آف انفارميشن آرڊيننس 2002ع، بلوچستان فريڊم آف انفارميشن ايڪٽ 2005ع، سنڌ فريڊم آف انفارميشن ايڪٽ 2006ع، خيبر پختونخواهہ رائيٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ 2013ع ۽ پنجاب ٽرانسپيرينسي اينڊ رائيٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ 2013 جو تفصيلي جائزو وٺڻ جي چونڊ ڪئي آهي. اهي قانون هن وقت مرڪزي ۽ صوبائي سطح تي لاڳو ٿيل آهي. انهن مان سنڌ ۽ بلوچستان جا قانون مرڪز پاران لاڳو ڪيل قانون جهڙا ئي آهن تنهن ڪري انهن جو گڏيل جائزو ورتو ويندو.

رپورٽ جو هي حصو اڳ ۾ بيان ڪيل بين الاقوامي قانون جي معيار ۽ اصولن جي روشني ۾ پاڪستان جي مختلف آرٽي آءِ قانون جي سگهاري نڪتن ۽ ڪمزورين جو جائزو وٺندو. هي پيپر قانون ۾ موجود مرڪز ۽ صوبائي سطح تي نامزد ڪيل عملدارن پاران شڪايتن جي اڪلاءُ واري عمل ۽ قانون تي عمل درآمد واري معاملي تي بہ مناسب تبصرو ڪندو.

### قانونسازي ۾ خاميون

#### وڌ ۾ وڌ سرڪاري ڄاڻ جي فراهمي

#### مرڪز، سنڌ ۽ بلوچستان

آرٽي آءِ قانون مرڪز، سنڌ ۽ بلوچستان ۾ گهربل معيار حاصل نہ ڪري سگهيا ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ ڄاڻ جا اهي سمورا درجا موجود نہ هئا جيڪي مجيل اصول تحت قانون جو حصو بڻائڻا هوندا آهن. مثال طور، سرڪاري فائيلن جي متان لڳل نوٽ، گڏجاڻين جا منٽس، بينڪنگ ڪمپنين جا ريڪارڊ آرٽي آءِ قانون جي شق تحت آڃا يا ڳجها قرار ڏنا ويا آهن. انهي ساڳي شق تحت حڪومت کي اهڙا صوابديدي اختيار حاصل آهن جنهن سان ڪنهن بہ قسم جي ڄاڻ کي ڳجهو قرار ڏيئي عوام کي فراهم ڪرڻ کان انڪار ڪري سگهجي ٿو. قانون ۾ اهڙيون ڪي بہ شقون موجود نہ آهن جيڪي ڄاڻ جي وڌ ۾ وڌ فراهمي کي يقيني بڻائينديون هجن. مثال طور هڪ ٽي نڪاتي ٽيسٽ قانون ۾ اڻ لپ آهي جنهن ذريعي پتو لڳائي سگهجي تہ پڌرو ڪيل يا ڳجهي قرار ڏنل ڄاڻ عوام جي مفاد وٽان آهي يا نہ. ان جي باوجود تہ قانون جي سيڪشن (h)(v) ۾ سرڪاري ڄاڻ جي وسيع وضاحت موجود آهي، شق 15 کان 18 ۾ آڃي يا ڳجهي قرار ڏنل هڪ اهڙي فهرست موجود آهي، جيڪا وڌ ۾ وڌ ڄاڻ فراهم ڪرڻ جي اصول کي يقيني بڻائڻ جي بنهہ ابتڙ آهي.

#### پنجاب ۽ خيبرپختونخواهہ

ٻنهي صوبن جي آرٽي آءِ قانون ۾ آڃي يا ڳجهي قرار ڏنل سرڪاري ڄاڻ جي واضح ۽ ڪجھ اڻ ڇٽي فهرست فراهم ڪئي ويئي آهي. انهي ڪانسواءِ سموري معلومات عوام تائين رسائي لاءِ دستياب آهي جيڪا سرڪاري ادارن کي درخواست ڏيڻ کان بنا ئي پاڻمرادو عوام کي فراهم ڪرڻي آهي. خيبرپختواهہ جي قانون ۾ شق 14 تحت گهٽ ۾ گهٽ ۽ واضح ڪيل ڳجهي قرار ڏنل سرڪاري ڄاڻ جي فهرست ڏني ويئي آهي، جڏهن تہ شق 15 کان 22 ۾ عوام کي مخصوص سرڪاري ڄاڻ فراهم ڪرڻ جي صورت ۾ ٿيندڙ هاڃن کان تحفظ ڏيڻ جو خاڪو پڻ پيش ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ خيبر پختونخواهہ جي قانون ۾ اهڙي سرڪاري ڄاڻ جي فراهمي جنهن سان نقصان بدران عوامي مفاد وڌيڪ حاصل ٿيندو هجي، انهي کي ٽي نڪاتي ٽيسٽ ذريعي پرکڻ جو جوڳو انتظام ڪيو ويو آهي.

ٻئي پاسي پنجاب ۾ قانون جي شق 13 ۾ گهٽ ۾ گهٽ ۽ واضح نشاندهي ڪيل ڳجهي سرڪاري ڄاڻ جي فهرست

ڏني ويئي آهي ۽ بيان ڪيو ويو آهي ته ان ڳالھ جو اطمينان ڪيو وڃي ته اهڙي ڄاڻ فراهم ڪرڻ جنهن سان عوامي مفاد کي ڇيهو رسندو، ڳجهو قرار ڏيئي سگهجي ٿو. انهي شقن ذريعي ثابت ٿئي ٿو مرڪز، سنڌ ۽ بلوچستان جي ڀيٽ ۾ پنجاب ۽ خيبرپختونخواھ جا قانون گهڻو ترقي پسند آهن.

## ڄاڻ کي شائع ڪرڻ جي ذميواري

### مرڪز، سنڌ ۽ بلوچستان

مرڪز، سنڌ ۽ بلوچستان جي قانون جي شق 5 ۾ لازمي قرار ڏنو ويو آهي ته عوام کي ڄاڻ تائين رسائي کي مختلف وسيلن ذريعي قاعدا، ضابطا، نوٽيفيڪيشن، باءِ لاز، جدول ۽ حڪم شائع ڪيا وڃن پر اها شق ڄاڻايل معيار ۽ اصولن تي پوري نٿي لهي ڇاڪاڻ ته ان ۾ واضح طور تي اهو بيان ناهي ڪيو ويو ته گهربل وسيلا فراهم ڪرڻ باوجود اهي اپاءِ سرڪاري ادارن کي پاڻمرادو ڪٽڻا پوندا.

### پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه

انهن صوبن جي آرٽي آءِ قانون ۾ ڄاڻ جي انهن درجن يا قسمن کي واضح ڪيو ويو آهي جيڪي سرڪاري ادارن کي پاڻمرادو پڌرو ڪرڻ گهرجن. لاڳاپيل شقن جي ساڳوٽي ٻوليءَ باوجود ٻني صوبن جا قانون سرڪاري ادارن کي پاڻمرادو ڄاڻ کي پڌرو ڪرڻ جو پابند بڻائين ٿيون. خيرپختونخواهه جي قانون جي شق 5(1)(f) ۾ پاڻمرادو ڄاڻ پڌرو ڪرڻ جي ڏس ۾ سرڪاري فيصلن ۽ پاليسين جي پس منظر کي بيان ڪرڻ لازمي قرار ڏنو ويو آهي. جڏهن ته پنجاب جي آر ٽي آءِ قانون ۾ پاڻمرادو ڄاڻ پڌرو ڪرڻ جي حوالي سان اهڙي پابندي نه وڌي ويئي آهي. سرڪاري ڄاڻ کي شائع ڪرڻ جي ذميواري جي حوالي سان خيبر پختونخواهه جو قانون انتهائي ترقي پسند آهي، جڏهن ته سنڌ، بلوچستان ۽ مرڪز ان ڏس ۾ ڪمزور ترين قانون آهن.

## شفاف حڪومت

### مرڪز، سنڌ ۽ بلوچستان

مرڪز، سنڌ ۽ بلوچستان جي آرٽي آءِ قانون ۾ ڄاڻ جي آزادي جي معاملي تي عوامي جاڳرتا يا ان قانون تي عمل درآمد لاءِ خودمختيار اداري پاران نگراني ۽ رابطي جي کوٽ آهي. جيتوڻيڪ قانون جي شق 4 سرڪاري ريڪارڊ جي فهرست سازي ترتيب ڏيڻ جي اجازت ڏيئي ٿو پر مرڪزي سطح تي جاري ڪيل رولز، گهٽ ۾ گهٽ معيار ۽ اصولن پٽانڊڙ نه آهن. قانون ۾ مختلف سرڪاري ادارن ۾ ڄاڻ جي آزادي متعلق عوامي جاڳرتا ۽ قانون تي عمل درآمد متعلق عملدارن کي سکيا جون شقون موجود نه آهن.

### پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه

پنجاب جي آرٽي آءِ قانون ۾ شق 6 ۾ چيو ويو آهي ته اهي شق (5)(e) تحت سرڪاري عملدارن جي ڄاڻ کي پڌرو ڪرڻ جي سکيا جو بندوبست ڪرڻ، شق (5)(f) تحت آرٽي آءِ بابت عوامي جاڳرتا بيدار ڪرڻ ۽ عوامي جاڳرتا مهم شروع ڪرڻ، شق (5)(h) تحت شهرين لاءِ رهنما ڪتابچا تيار ڪرائڻ، شق (5)(i) تحت پبلڪ انفارميشن آفيسرز لاءِ هينڊ بڪ ۽ رهنما ڪتابچا شائع ڪرائڻ ۽ صوبي ۾ آرٽي آءِ جي عملدرآمد متعلق سالياني رپورٽ ڇاپرائڻ متعلق ذيلي شق (6)(7) تحت تي عمل درآمد ڪرڻ لازمي آهي. قانون ۾ شق 8 ۾ سرڪاري ڄاڻ جي ريڪارڊ کي ڪمپيوٽرائيز ڪندي ان جي بهتر انتظام ڪاري جي به تفصيلي وضاحت موجود آهي ته جيئن ان کي سستي اگهن، خرچ ۽ سولي طريقي سان عوام تائين رسائي کي ممڪن بنائي سگهجي. ٻيو اهو ته پنجاب انفارميشن ڪميشن به سرڪاري ريڪارڊ جي بهتر انتظام ڪاري ۽ فهرست سازي متعلق پنجاب ٽرانسپيرينسي اينڊ رائيٽ ٽو انفارميشن رولز 4 جنوري 2015ع تي جاري ڪري ڇڏيا آهن.

خيبرپختونخواهه ۾ به ساڳئي قسم جي انفارميشن ڪميشن قائم ڪئي ويئي آهي پر اها ڳجهو رکڻ واري سرڪاري ڪلچر کي ختم ڪرڻ ۾ ڪمزور حيثيت رکي ٿي. مثال

ته انهن کي ڪهڙي به صورت ۾ پڌرو نٿو ڪري سگهجي. وڌيڪ ڳڻتي جوڳي ڳالهه اها آهي ته پڌري نه ٿيڻ جهڙي يا ڳجهي قرار ڏنل ڄاڻ تي ٻيهر نظر ثاني جي ڪابه ڳالهه نه ڪئي ويئي آهي. جنهن سبب ڳجهي سرڪاري ڄاڻ کي سدائين لاءِ ڳجهو رکڻ جو بندوبست ڪيو ويو آهي.

## پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه

